# رمضان جو شان

سنڌي



شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد الياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڙهيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



رسالي جو نالو: رمضان جو شان
ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1443ھ مارچ 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جو رسالو

# رمضان جو شان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

رمضان جو شان........................................ 1
دعاءِ عطار.............................................. 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
ﭘﮧ نور ..................................................... 1
روزي سان صحت ملندي آهي ........................... 2
”توتي صدقو وڃان رمضان! تون عظيم الشان آن“ جي 31 اکرن جي
نسبت سان رمضان جي باري ۾ 31 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 2
سحري جي متعلق 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ............. 15
عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو ارشاد ........................... 16
اُمّ المؤمنين عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو ارشاد ................. 16
حضرت عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جا ارشاد ................. 17
ڇا آقا جي حياتِ ظاهري جي دور ۾ ڦيدي هوندا هئا؟ ........... 18
ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو ارشاد ........................... 18
حضرت ابراهيم نخعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ارشاد..................... 18
داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ارشاد................ 19
روزي جا ٽي درجا ..................................... 19
عوام جو روزو ......................................... 19
(2) خواص جو ......................................... 20
(3) اخص الخواص جو روزو............................. 20
مفتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ارشاد........................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رمضان جو شان

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو "رمضان جو شان" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي ماهِ رمضان جو قدردان بڻاءِ ۽ سڄي زندگي گناهن کان بچي ڪري نيڪين ۾ گذارڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ماهِ رمضان کي حاصل ڪيو ۽ ان جا روزا نہ رکيا اهو شخص شقي(يعني بدبخت) آهي. جنهن والدين يا ڪنهن کي ماڻيو ۽ ان سان چڱو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو اهو بہ شقي(يعني بدبخت) آهي. (معجم اوسط، 62/2، حديث: 3871)

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه! اَسْتَغْفِرُاللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻہ نور

منقول آهي تہ الله پاڪ حضرتِ موسیٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو تہ مان امتِ محمديه کي ٻہ نور عطا ڪيا آهن تہ جيئن اهي ٻن اونداهين جي نقصان کان محفوظ رهن. موسیٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ياالله اهي ٻہ نور ڪهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو: نورِ رمضان ۽ نورِ

قرآن. حضرت موسیٰ كليم الله عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: يہ اونداهيون ڪهڙيون آهن؟ ”فرمايو، ”هڪ قبر جي ۽ ٻئي قيامت جي.“ ( درة الناصحين ص 9)

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام
جُھوم جاؤ مجرمو! رمضاں مہِ غُفران ہے

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزي سان صحت ملندي آهي

امير المؤمنين مولاءِ ڪائنات، حضرت عليُّ الۡمرتضيٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي، الله پاڪ جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي: بيشڪ الله پاڪ بني اسرائيل جي هڪ نبي عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ توهان پنهنجي قوم کي خبر ڏيئي ڇڏيو تہ جيڪو بہ ٻانهو منهنجي راضپي لاءِ هڪ ڏينهن جو روزو رکندو آهي تہ مان ان جي جسم کي صحت بہ عطا فرمائيندو آهيان ۽ ان کي عظيم اجر بہ ڏيندس.
(شعب الايمان ج 3 ص 412 حديث 3923)

دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”توتي صدقو وڃان رمضان! تون عظيم الشان آن“ جي 31 اکرن جي نسبت سان رمضان جي باري ۾ 31 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرتِ سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ ” نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان مهيني جي آخري ڏينهن بيان فرمايو: ”اي انسانو! توهان وٽ

**عظمت** وارو برڪت وارو مهينو آيو، اهو مهينو جنهن ۾ هڪ رات (اهڙي بہ آهي جيڪا) هزار مهينن کان بهتر آهي. هن (مبارڪ مهيني) جا روزا الله پاڪ فرض ڪيا ۽ ان جي رات ۾ قيام (يعني تراويح) تَطَوُّع (يعني سنّت) آهي. جيڪو هن ۾ نيڪيءَ جو ڪم ڪري تہ اهو ائين آهي جيئن ٻئي ڪنهن مهيني ۾ **فرض** ادا ڪيائين ۽ هن ۾ جنهن فرض ادا ڪيو تہ اهو ائين آهي جيئن ٻين ڏينهن ۾ **ستر فرض** ادا ڪيائين. هي مهينو **صبر** جو آهي ۽ صبر جو ثواب جنّت آهي ۽ هي مهينو مُؤَاسات (يعني غمخواري ۽ ڀلائيءَ) جو آهي ۽ هن مهيني ۾ مومن جو **رزق** وڌايو ويندو آهي. جيڪو هن ۾ روزيدار کي **افطار** ڪرائي ان جي گناهن جي لاءِ **مغفرت** آهي ۽ ان جو ڪنڌ باهہ کان آزاد ڪيو ويندو ۽ هن افطار ڪرائڻ واري کي اهڙو ئي ثواب ملندو جهڙو روزي رکڻ واري کي ملندو، بغير ان جي، جو اُن جي اجر ۾ ڪجهہ گهٽتائي ٿئي.“ اسان عرض ڪيو، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان مان هر شخص وٽ اها شيءِ نـاهي جنهن سان روزو افطار ڪرائي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **الله پاڪ** هي ثواب تہ ان شخص کي ڏيندو، جيڪو هڪ ڍُڪ کير يا هڪ کارڪ يا هڪ ڍُڪ پاڻيءَ سان روزو **افطار** ڪرائي ۽ جنهن روزيدار کي پيٽ ڀري کارايو، ان کي **الله ڪريم** منهنجي حوض مان پيئاريندو جو ڪڏهن اڃارو نہ ٿيندو. ايتري تائين جو جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. هي اهو مهينو آهي جو ان جو **اوّل** (يعني شروعاتي ڏهہ ڏينهن) **رحمت** آهي ۽ ان جو وچ (يعني وچيان ڏهہ ڏينهن) **مغفرت** آهي ۽ **آخر** (يعني آخري ڏهہ ڏينهن) **جهنّم کان آزادي** آهي. جيڪو پنهنجي غلام تي هن مهيني ۾ تخفيف ڪري (يعني ڪم گهٽ ونئي) **الله پاڪ** ان کي بخشي

ڇڏيندو ۽ جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو. هن مهيني ۾ **چار ڳالهين** جي ڪثرت ڪريو. انهن مان ٻه اهڙيون آهن جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب کي راضي ڪندؤ ۽ بقايا ٻن کان توهان کي بي نيازي ناهي. پوءِ اهي ٻه ڳالهيون جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب کي راضي ڪندؤ اهي هي آهن. ﴿1﴾ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي گواهي ڏيڻ ﴿2﴾ استغفار ڪرڻ. جڏهن ته اهي ٻه ڳالهيون جن کان توهان کي غنا (بي نيازي) ناهي اهي هي آهن. (1) **الله پاڪ** کان جنّت طلب ڪرڻ. (2) جهنم کان **الله پاڪ** جي پناهه طلب ڪرڻ. (شعب الايمان، 305/3، حديث: 3608۔صحيح ابنِ خُزَيمه، 192/3، حديث: 1887)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(2) جڏهن رمضان جي مهيني جي پهرين رات ايندي آهي ته آسمانن ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا. جيڪو به ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن به رات ۾ نماز پڙهي ٿو ته الله پاڪ ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ان جي لاءِ **پندرهن سؤ نيڪيون** لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ **ڳاڙهي ياقوت** جو گهر ٺاهيندو آهي. پوءِ جيڪو رمضان جي مهيني جو **پهريون روزو** رکي ٿو ته ان جا پويان گناهه مُعاف ڪيا ويندا آهن، ۽ ان جي لاءِ صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن. رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن به هُو سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ڪيس (جنّت ۾) هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو ويندو آهي جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار **پنج سؤ سالن** تائين هلندو رهي.
(شعب الايمان ج 3 ص 314 حديث 3635)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(3) جڏهن رمضان جي پهرين رات ٿيندي آهي تہ الله پاڪ پنهنجي مخلوق جي طرف نظر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن الله پاڪ ڪنهن ٻانهي جي طرف نظر فرمائيندو آهي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ۽ هر روز ڏهہ لک (گناهگارن) کي جهنّم کان آزاد فرمائيندو آهي ۽ جڏهن اٺتيهين رات ايندي آهي تہ سڄي مهيني ۾ جيترا آزاد ڪيا انهن جي ڪل تعداد برابر انهيءَ هڪ رات ۾ آزاد فرمائيندو آهي. پوءِ جڏهن عيدالفطر جي رات ايندي آهي. ملائڪ خوشيون ملهائيندا آهن ۽ الله پاڪ پنهنجي نور جي خاص تجلي فرمائيندو آهي. ۽ ملائڪن کي فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! ان مزدور جو ڇا بدلو آهي جنهن ڪم پورو ڪري ورتو؟“ ملائڪ عرض ڪندا آهن، ”ان کي پورو پورو اجر (يعني بدلو) ڏنو وڃي.“ الله پاڪ فرمائيندو آهي، ”مان توهان کي گواهہ ٿو ڪريان تہ مان انهن سڀني کي بخشي ڇڏيو.“

(جمع الجوامع ، 345/1، حديث: 2536 )

عِصياں سے کبھی ہم نے کنارہ نہ کیا
پَر تُو نے دِل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تَو جہنّم کی بہت کی تجویز
لیکن تِری رَحمت نے گوارا نہ کیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(4) بيشڪ جنّت ابتدائي سال کان ايندڙ سال تائين رمضان المبارڪ جي لاءِ سجائي ويندي آهي ۽ فرمايائون: رمضان شريف جي پهرين ڏينهن جنّت جي وڻن جي هينان وڏين وڏين اکين وارين حورن تي هوا هلندي آهي ۽ اهي عرض ڪنديون آهن: ”اي پروردگار! پنهنجي ٻانهن مان اهڙن ٻانهن کي اسان جو مڙس بڻاءِ جن کي ڏسي اسان

جون اڪيون ٽڏيون تين ۽ جڏهن اهي اسان کي ڏسن ته انهن جون به اڪيون ٽڏيون تين.“ (شُعَبُ الاِيمان ج 3 ص 312 حديث 3633)

ابرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نُور نُور　　فضلِ رب سے مغفرت کا ہو گیا ہے سامان ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(5) منهنجي امت کي رمضان جي مهيني ۾ **پنج شيون** اهڙيون عطا ڪيون ويون جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي نه مليون.
﴿1﴾ جڏهن رمضان المبارڪ جي پهرين رات ايندي آهي ته **الله پاڪ** انهن جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن جي طرف الله پاڪ رحمت جي نظر فرمائي ته ان کي ڪڏهن به عذاب نه ڏيندو. ﴿2﴾ شام جي وقت ان جي وات جي بوءِ (جيڪا بُک جي ڪري ٿيندي آهي) **الله پاڪ** جي ويجهو مُشڪ جي خوشبوءِ کان به بهتر آهي. ﴿3﴾ ملائڪ هر رات ۽ ڏينهن ان جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا رهندا آهن. ﴿4﴾ **الله پاڪ** جنّت کي حڪم ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو. ”منهنجي (نيڪ) ٻانهن جي لاءِ مُزَيَّن (يعني سينگارجي) وڃ عنقريب اهي دنيا جي مُشقت کان منهنجي گهر ۽ ڪرم ۾ راحت ماڻيندا. ﴿5﴾ جڏهن ماهِ رمضان جي آخري رات ايندي آهي ته **الله پاڪ** سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. قوم مان هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا هي **ليلة القدر** آهي؟ ارشاد فرمايائون نه، ڇا توهان نه ٿا ڏسو ته مزدور جڏهن

پنهنجي ڪمن مان فارغ ٿيندا آهن ته انهن کي مزدوري ڏني ويندي آهي“. (شعب الايمان، 303/3، حديث: 3603)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(6) **رمضان شريف جي هر رات آسمانن ۾** صبح صادق (پرهه ڦٽيءَ) تائين هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو ملائڪ) هي نِدا ڪندو آهي: اي ڀلائي گهرڻ وارا! مضبوط ارادو ڪر ۽ خوش ٿي وڃ ۽ اي برائي جو ارادو رکڻ وارا! برائي کان رڪجي وڃ. **آهي ڪو مغفرت جو طالب!** جو ان جي طلب پوري ڪئي وڃي. **آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو!** جو ان جي توبهه قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو دعا گهرڻ وارو!** جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو سائل!** جو ان جو سوال پورو ڪيو وڃي. **الله پاڪ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ افطار جي وقت سٺ هزار گناهگارن کي دوزخ مان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي، ۽ عيد جي ڏينهن سڄي مهيني جي برابر گناهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.**“

(شعب الايمان، 304/3، حديث: 3606)

واسطہ رمضان کا یارب ہمیں تُو بخش دے
نیکیوں کا اپنے پلّے کچھ نہیں سامان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(7) ماهِ رمضان ۾ گهر وارن جي خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو ڇو ته **ماهِ رمضان ۾ خرچ ڪرڻ الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جيان آهي.**

(فضائل شهر رمضان مع موسوعة ابن ابی الدنيا، 368/1، حديث: 24)

بھائیو بہنو! گناہوں سے سبھی توبہ کرو
خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخلہ آسان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(8) روزو ۽ قرآن ٻانهي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا. روزو عرض ڪندو، **”اي ربّ ڪريم!** مون کائڻ ۽ خواهشن کان ڏينهن ۾ هن کي روڪي ڇڏيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول فرماءِ. “ **قرآن** چوندو: مون هن کي رات ۾ سمهڻ کان پري رکيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول ڪر. پوءِ ٻنهي جون شفاعتون قبول ٿينديون.“ (مسند امام احمد ج 2 ص 586 حديث 6637)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(9) جنهن مڪهءِ مڪرمه ۾ رمضان جو مهينو ماڻيو ۽ روزو رکيو ۽ رات ۾ جيترو ٿي سگهيو قيام ڪيائين ته **الله پاڪ ان جي لاءِ ٻين جڳهن جي هڪ لک رمضان جو ثواب لکندو** ۽ هر ڏينهن هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر رات هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر روز جهاد ۾ گهوڙي تي سوار ڪري ڇڏڻ جو ثواب ۽ هر ڏينهن ۾ نيڪي ۽ هر رات ۾ نيڪي لکندو. (ابن ماجه ج 3 ص 523 حديث 3117)

يا الٰہی تُو مدینے میں کبھی رمضاں دکھا　　مدتوں سے دل میں یہ عطار کے ارمان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(10) بيشڪ الله پاڪ رمضان جا روزا توهان تي فرض ڪيا ۽ مون توهان جي لاءِ رمضان جي قيام(تراويح) کي سنت قرار ڏنو آهي لهٰذا جيڪو شخص رمضان ۾ روزا رکي ايمان سان ۽ حصول ثواب جي نيت سان قيام ڪري (يعني تراويح پڙهي) ته اهو پنهنجي گناهن کان

ايئن نڪري ويندو جيئن ولادت جي وقت ان کي سندس امڙ جڻيو هو.
(نَسائی ص 369 حديث 2207 )

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(11) ماڻهوءَ جي هر نيڪ ڪم جو بدلو ڏهن کان ست سؤ ڀيرن تائين ڏنو ويندو آهي. الله پاڪ فرمايو: اِلَّا الصَّوْمَ فَاِنَّـهٗ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِـهٖ ”روزي کانسواءِ جو روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ڏيندس. **الله پاڪ** جو وڏيڪ ارشاد آهي، ٻانهو پنهنجي خواهش ۽ کاڌي کي صرف منهنجي سبب کان ڇڏي ڏئي ٿو. روزيدار جي لاءِ ٻه خوشيون آهن. هڪ افطار جي وقت ۽ هڪ پنهنجي رب پاڪ سان ملاقات جي وقت. روزيدار جي وات جي بوءِ **الله پاڪ** جي ويجهو مُشڪ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي.“ (صحيح مسلم ص580 حديث 1151)

روزہ دارو! جُھوم جاؤ کیوں کہ دیدارِ خُدا
خُلد میں ہوگا تمھیں یہ وعدۂ رحمٰن ہے

(12) روزو سِپَر (يعني ڍال) آهي ۽ جڏهن ڪنهن جي روزي جو ڏينهن هجي ته هُو نه اڊنگو ڳالهائي ۽ نه ئي رڙيون ڪري. پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ان کي گارگند ڪري يا وڙهڻ چاهي، ته هُو ڪيس چوي ”مان روزيدار آهيان.“ (بخاري ج1 ص 624 حديث 1894)

بے حیا بک بک کی خصلت بھی ٹل جائے گی
مَدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
خوش خدا ہوگا بن جائے گی آخرت
مَدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

تُوبُوا اِلَی الله! اَسْتَغْفِرُالله
صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(13) جنھن بہ ھڪ ڏينھن جو روزو **الله پاڪ** جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ رکيو. **الله پاڪ** ان کي جھنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيڏو ھڪ ڪانءُ جيڪو پنھنجي ننڍپڻ کان اڏامڻ شروع ڪري ايتري تائين جو پوڙھو ٿي مري وڃي. (مسند ابي يعلى ج 1 ص383 حديث 917)

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام
جُھوم جاؤ مجرمو! رمضاں مہِ غفران ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(14) جنھن رمضان جي مھيني جو ھڪ روزو بہ خاموشي ۽ سُڪون سان رکيو، ان جي لاءِ جنّت ۾ ھڪ گھر سبز زمرد يا ڳاڙھي ياقوت جو ٺھايو ويندو.“ (معجم اوسط، 379/1، حديث: 1768)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(15) هر شيءِ جي لاءِ زڪوٰة آھي ۽ جسم جي **زڪوٰة** روزو آھي ۽ روزو اڌ صبر آھي. (سنّن ابن ماجه ج2 ص 347 حديث 1745)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(16) روزيدار جو سمھڻ عبادت ۽ ان جي خاموشي تسبيح ڪرڻ ۽ ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول ھوندو آھي.“
(شُعَبُ الإيمان ج3 ص 415 حديث 3938)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(17) **الله پاڪ** رمضان جي مھيني ۾ روزانو افطار جي وقت ڏھ لک اھڙن گناھگارن کي جھنم کان آزاد فرمائيندو آھي جن تي گناھن جي ڪري

جهنّم واجب ٿي چُڪي هئي ۽ پڻ **جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن** (يعني خميس جي ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جي سج لهڻ تائين) **جي هر هر گهڙيءَ ۾ اهڙن ڏهه ڏهه لک گناهگارن کي جهنّم مان آزاد ڪيو ويندو آهي جيڪي عذاب جا حقدار ٿي چُڪا هوندا آهن.** (مسند الفردوس، 320/3، حديث: 4960)

بھائیو بہنو! گناہوں سے سبھی توبہ کرو
خُلد کے دَر کھل گئے ہیں داخلہ آسان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(18) جيڪو ٻانهو روزي جي حالت ۾ صبح ڪري ٿو، ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ ان جا عضوا **تسبيح** ڪندا آهن ۽ آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا (ملائڪ) ان جي لاءِ سج لهڻ تائين **مغفرت** جي دعا ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن اهو هڪ يا ٻه رڪعتون پڙهي ٿو ته اهي آسمان ۾ ان جي لاءِ نور ٿي وينديون آهن ۽ **حُورِعِين** (يعني وڏين اکين وارين حورن) مان ان جون گهرواريون چونديون آهن، اي **الله پاڪ**! تون ان کي اسان ڏانهن موڪلي ڏي، اسين سندس ديدار جي لاءِ تمام گهڻيون مُشتاق آهيون ۽ جيڪڏهن اهو لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ يا سُبحٰنَ الله يا اَللّٰهُ اَکْبَر **پڙهي ٿو ته ستر هزار فرشتا ان جو ثواب سج لهڻ تائين لکندا رهن ٿا.** (شُعَبُ الْاِیمان ج3 ص 299 حديث 3591)

ہر خطا تو دَرگزر کر بے کس و مجبور کی
یاالٰہی مغفرت کر بے کس و مجبور کی

نامہ بدکار میں حُسنِ عمل کوئی نہیں
لاج رکھنا روزِ محشر بے کس و مجبور کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(20) جيڪو حلال ڪمائيءَ مان رمضان المبارڪ ۾ روزو افطار ڪرائي. رمضان جي سيني راتين ۾ ملائڪ ان تي دُرود موڪليندا آهن ۽ شبِ قدر ۾ جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ان سان مصافحو ڪندا آهن ۽ جنهن سان جبريل عَلَيْهِ السَّلَام هٿ ملائن ان جون اکيون (خوفِ خُدا کان) روئڻهارڪيون ٿي ويندڀون آهن ۽ ان جي دل نرم ٿي ويندي آهي.

(جمع الجوامع، 217/7، حديث: 22534)

یاخدا میری مغفرت فرما | باغِ فردوس مرحمت فرما
ہو نہ عطار حشر میں رُسوا | بے حساب اِس کی مغفرت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(20) جيڪو بُري ڳالهه چوڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نه ڇڏي ته ان جي بُکايل ۽ اُڃارو رهڻ جي الله پاڪ کي ڪابه ضرورت ڪانهي.

(صحيح بخاري ج1 ص 628 حديث 1903)

حضرت علامه علي قاري هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: بُري ڳالهه مان مُراد هر ناجائز گفتگو آهي جيئن ڪوڙ ، بهتان، غيبت، تهمت،گار، لعن طعن وغيره جن سان بچڻ ضروري آهي. (مِرقاۃ المفاتيح، 491/4 ) هڪ ٻئي جاءِ تي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”رُڳو کائڻ ۽ پيئڻ کان پري رهڻ جو نالو روزو ناهي بلڪ روزو ته هي آهي جو بيڪار ۽ واهيات ڳالهين (يعني اهي ڳالهه جنهن جي ڪرڻ ۾ نافرماني آهي هن) کان بچيووجي.“

(مستدرڪ للحاڪم ج2 ص67 حديث1611)

بک بک کی کہیں لت نہ جہنّم میں گرادے | اللہ زَباں کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(21) جنهن جو روزي جي حالت ۾ انتقال ٿيو، الله پاڪ ان کي قيامت تائين جي روزن جو ثواب عطا فرمائيندو آهي.
(مسند الفردوس، 504/3، حديث: 5557)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(22) رمضان ۾ ذِڪرُ الله ڪرڻ واري کي بخشيو ويندو آهي ۽ هن مهيني ۾ الله تعاليٰ کان گهرڻ وارو محروم ناهي رهندو.
(شعب الايمان، 311/3، حديث: 3627)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(23) هي رمضان توهان وٽ اچي ويو آهي، هن ۾ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جهنّم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ شيطانن کي قيد ڪيو ويندو آهي، محروم آهي اهو شخص جنهن رمضان کي ماڻيو ۽ ان جي مغفرت نہ ٿي جو جڏهن ان جي رمضان ۾ مغفرت نہ ٿي تہ پوءِ ڪڏهن ٿيندي؟ (معجم اوسط ج5 ص366 حديث 7627)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(24) پنج ئي نمازون ۽ جمعو اڳئين جمعي تائين ۽ ماهِ رمضان اڳئين ماه رمضان تائين گناهن جو ڪفارو آهن جيستائين ڪبيره گناهن کان بچيو وڃي. (مسلم، ص 144، حديث: 233)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(24) جيڪڏهن ٻانهن کي معلوم هجي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! سڄو سال رمضان ئي هجي.
(صحيح ابنِ خُزيمہ ج 3 ص 190 حديث 1886)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(26) جنھن رمضان جي ھڪ ڏينھن جو روزو بغير اجازت ۽ بغير مرض جي افطار ڪيو (يعني نہ رکيو) تہ سڄي زماني جا روزا بہ ان جي قضا نہ ٿي سگھندا. جيتوڻيڪ جو بعد ۾ رکي بہ وٺي. (ترمذي شريف جلد 2 ص 175، حديث: 723) يعني اھا فضيلت جيڪا رمضان المبارڪ ۾ روزي رکڻ جي ھئي ھاڻي ڪنھن طرح بہ ماڻي نٿو سگھي.
(بھارِ شريعت جلد 1 ص 175، ص 985 ملخصاً)

دوجہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(27) آءُ سُتو پيو ھيس تہ خواب ۾ بہ شخص مون وٽ آيا ۽ مون کي ھڪ دشوار گذار (يعني ڏکئي رستن واري) پھاڙ تي وٺي ويا جڏھن مان پھاڙ جي وِچين حصي تي پھتس تہ اتي وڏا سخت آواز اچي رھيا ھئا، مون چيو، ”ھي چا جا آواز آھن؟ “تنھن تي مون کي ٻُڌايو ويو تہ ھي جھنّمين جا آواز آھن. پوءِ مون کي اڃان اڳتي نِيو ويو تڏھن مان ڪجھ اھڙن ماڻھن وٽان گذريس جو انھن کي سندن پيڏين جي رڳن ۾ ٻَڌي ڪري (اونڌو) ٽنگيو ويو ھو ۽ انھن جون ڄاڙيون چيريون ويون ھيون جن مان رت وھي رھيو ھو. مون پُڇيو،”ھي ڪير آھن؟“تڏھن مون کي ٻُڌايو ويو تہ ھي روزو افطار ڪندا ھئا ان ڪان پھريان جو روزو افطارڪرڻ حلال ٿئي.“ (صحيح ابنِ حبان ج 9 ص 286 حديث 7448)

بے نمازی رہیں کچھ نہ روزے رکھیں
اِن کو کس نے کہا عاشقانِ رسول؟

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

(28) منھنجي امت ذليل ۽ خوار نہ ٿيندي جيستائين اھا ماھِ رمضان

جو حق ادا ڪندي رهندي. عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: هن مهيني ۾ سندن حرام ڪمن جو ڪرڻ. پوءِ فرمايائون: جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪيو يا شراب پيتو ته ايندڙ رمضان تائين **الله پاڪ** ۽ جيترا آسماني ملائڪ آهن سيئي ان تي لعنت ڪندا رهندا. پوءِ جيڪڏهن هي شخص ايندڙ ماهِ رمضان کي حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي مري ويو ته وٽس ڪا اهڙي نيڪي نه هوندي جيڪا کيس جهنّم جي باهه کان بچائي سگهي. سو توهان ماهِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو ته جهڙيءَ طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آهن تهڙيءَ طرح گناهن جو به مُعاملو آهي. (معجم صغير، 248/1)

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه! اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سحري جي متعلق 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(29) روزو رکڻ جي لاءِ **سَحَري** کائي قوت حاصل ڪريو ۽ ڏينهن (يعني ٻنپهرن) جي وقت آرام (يعني قيلولو) ڪري رات جي عبادت لاءِ طاقت حاصل ڪريو. (ابن ماجه ج 2 ص 321 حديث 1693)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(30) **سَحَري** سَڄي جو سَڄي برڪت آهي تنهنڪري توهان نه ڇڏيو چاهي ائين ئي ٿئي جو پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ پي ونو. بيشڪ **الله پاڪ** ۽ ان جا ملائڪ رحمت موڪليندا آهن سَحَري ڪرڻ وارن تي.
(مُسند امام ا حمد ج 4 ص 88 حديث 11396)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(31) ٽي ماڻهو جيترو به کائين انهن سان ڪو حساب نه ٿيندو پر شرط اهو آهي ته کاڌو حلال هجي. (1) روزيدار افطار جي وقت (2) **سَحَري** کائڻ وارو (3) مجاهد جيڪو **الله پاڪ** جي واٽ ۾ اسلامي سرحد جي حفاظت ڪري. (معجم کبير، 285/11، حديث: 12012)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو ارشاد

مسلمانن جا ٻيان خليفه حضرت عُمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائيندا هئا: ان مهيني کي خوش آمديد جيڪو اسان کي پاڪ ڪرڻ وارو آهي. سڄو رمضان ڀلائي ئي ڀلائي آهي، ڏينهن جو روزو هجي يا رات جو قيام (يعني تراويح)، هن مهيني ۾ خرچ ڪرڻ جهاد ۾ خرچ ڪرڻ جو درجو رکي ٿو. (تنبيه الغافلين، ص 177)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اُمّ المؤمنين عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا جو ارشاد

(1)جڏهن ماهِ رمضان ايندو هو ته حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو رنگ مبارڪ تبديل ٿي ويندو هو ۽ نماز جي ڪثرت فرمائيندا ۽ دعا گهرندا هئا. (شعب الايمان، 310/3، حديث: 3625)

تجھ پہ صدقے جاؤں رمضاں تُو عظیم الشان ہے
تجھ میں نازل حق تعالیٰ نے کیا قرآن ہے

(2) جڏهن ماهِ رمضان ايندو هو ته نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ويهه ڏينهن نماز ۽ ننڊ کي ملائيندا هئا پوءِ جڏهن آخري عشرو ٿيندو هو ته الله

پاڪ جي عبادت جي لاءِ ڪمربستہ (تيار) ٿي ويندا هئا.
(مسند امام احمد،338/9، حديث: 24444)

عبادت میں تلاوت میں ریاضت میں لگادے دل

مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت عبداللّٰہ ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا ارشاد

(1) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ سڀني کان وڌيڪ سخي هئا ۽ رمضان شريف ۾ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (خاص طور تي) تمام گهڻي سخاوت ڪندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام رمضان مبارڪ جي هر رات ۾ ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا ۽ رسولِ ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ان سان گڏجي قرآنِ عظيم جو دور فرمائيندا هئا. جڏهن بہ حضرت جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ايندا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تيز هلڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ خير (يعني ڀلائي) جي معاملي ۾ سخاوت فرمائيندا هئا.
(صحيح بخاري ج 1 ص 9 حديث 6)

ہاتھ اُٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(2) جڏهن ماهِ رمضان ايندو هو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر قيديءَ کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ هر سائل (يعني سوالي) کي عطا فرمائيندا هئا. (شعب الايمان، 311/3، حديث: 3629)

## ڇا آقا جي حياتِ ظاهري جي دور ۾ قيدي هوندا هئا؟

مشهور مفسر حڪيم الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي حصي: ”هر قيدي کي رها ڪري ڇڏيندا هئا“ جي حوالي سان مراٰة جلد 3 صفحي 142 تي فرمائن ٿا: حق اهو آهي تہ هتي قيدي مان مراد اهو شخص آهي جيڪو حق الله يا حق العبد(يعني ٻانهي جي حق) ۾ گرفتار هجي ۽ آزاد فرمائڻ مان ان جو حق ادا ڪري ڇڏڻ يا ڪرائي ڇڏڻ مراد آهي.

## ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ارشاد

قيامت جي ڏينهن هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هن طرح نِدا ڪندو، هر پوکڻ واري (يعني عمل ڪرڻ واري) کي ان جي پوک (يعني عمل) جي برابر اجر ڏنو ويندو سواءِ قرآن وارن (يعني قرآن جي عالمن) ۽ روزيدارن جي جو انهن کي بيحد ۽ **بي حساب اجر** ڏنو ويندو.

(شعب الايمان ج3 ص413 حديث 3928)

روزه دارو! جُھوم جاؤ کیونکہ دیدارِ خدا خُلد میں ہوگا تمہیں یہ وعدۂ رحمٰن ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جو ارشاد

حضرتِ ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **رمضان جي مهيني** ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ هزار ڏينهن جي روزن کان افضل آهي ۽ **رمضان جي مهيني** ۾ هڪ ڀيرو تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) هن مهيني کان علاوه هڪ هزار ڀيرا تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) کان

افضل آهي ۽ ماهِ رمضان ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ رمضان کان علاوه هڪ هزار رڪعتن کان افضل آهي. (تفسير در منثور ج 1 ص 454)

## داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جو ارشاد

روزي جي حقيقت ”رڪجڻ“ آهي ۽ رڪيل رهڻ جا ڪيترائي شرط آهن مثلاً: معدي کي کائڻ پيئڻ کان روڪي رکڻ، اک کي بُري نظر کان روڪي رکڻ، ڪن کي غيبت ٻُڌڻ، زبان کي فضول ۽ فتني واريون ڳالهيون ڪرڻ ۽ جسم کي حڪمِ الاهي جي مخالفت کان روڪي رکڻ ”روزو“ آهي. جڏهن ماڻهو انهن سڀني شرطن جي پيروي ڪندو، تڏهن اهو حقيقي طور تي روزيدار ٿيندو.

(ڪشف المحجوب ص 354 ، 353)

واسطہ رمضان کا یارب ہمیں تو بخش دے
نیکیوں کا اپنے پلے کچھ نہیں سامان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## روزي جا ٽي درجا

روزي جا ٽي درجا آهن.

(1) عوام جو روزو (2) خواص جو روزو (3) اَخَصُّ الخواص جو روزو

## عوام جو روزو

روزي جي لغوي معنيٰ آهي: ”رڪجڻ“ انهيءَ ڪري شريعت جي اصطلاح ۾ صبح صادق (يعني پرهه ڦُٽيءَ) کان وٺي سج لهڻ تائين جاڻي واڻي کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان ”رُڪيل رهڻ“ کي روزو چئبو آهي ۽ اهو ئي عوام يعني عام ماڻهن جو روزو آهي.

## (2) خواص جو

**ڪائڻ** پيئڻ ۽ جماع کان رڪيل رهڻ سان گڏوگڏ جسم جي تمام عضون کي بُرائين کان”روڪڻ“**خواص** يعني خاص ماڻهن جو روز آهي.

## (3) اخص الخواص جو روزو

پنهنجو پاڻ کي تمام معاملن کان ”روڪي“ ڪري صرف ۽ صرف **الله پاڪ** جي طرف متوجهه ٿيڻ، هي **اَخصُّ الْخواص** يعني خاص الخاص ماڻهن جو روزو آهي.

دیجئے قفلِ مدینہ دیجئے　کیجئے رحمت اے نانائے حُسین
ہر ولی کا واسطہ عطار پر　کیجئے رحمت اے نانائے حُسین

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ارشاد

هن مبارڪ مهيني جا ڪل چار نالا آهن ﴿1﴾ **ماهِ رمضان** ﴿2﴾ **ماهِ صبر** ﴿3﴾ **ماهِ مؤاسات** ۽ ﴿4﴾ **ماهِ وسعتِ رزق.** **وڌيڪ** فرمائن ٿا: روزو صبر آهي جنهن جي جَزا رب آهي ۽ اهو انهيءَ مهيني ۾ رکيو ويندو آهي ان لاءِ هن کي **ماهِ صبر** چوندا آهن مؤاسات جي معنیٰ آهي ڀلائي ڪرڻ جيئن ته هن مهيني ۾ سيني مسلمانن سان خاص ڪري قريبي رشتيدارن سان ڀلائي ڪرڻ وڌيڪ ثواب آهي. ان ڪري هن کي **ماهِ مؤاسات** چوندا آهن. هن ۾ رزق جي ڪشادگيءَ به ٿيندي آهي جو

غريب بہ نعمتون کائي وٺندا آهن انهيءَ ڪري هن جو نالو ماهِ وسعتِ رزق بہ آهي. (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 208)

ہر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں
ماہِ رمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

